اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج 1 ص40 دار الفكربيروت)

طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: خوفناڪ جانور

ڇاپو پهريون: ذو الحجة الحرام 1441هہ، جولائي 2020ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گھٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني ءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

## مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

جو اُردو زبان ۾ رسالو

# خوفناڪ جانور

## ترجمو پيشڪش

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

هي مضمون ”نيڪي جي دعوت“ جي صفحي 49 کان 65 مان ورتو ويو آهي

# خوفناڪ جانور

## دعاءِعطار

يا الله جيڪو بہ 26 صفحن جو رسالو: ”خوفناڪ جانور“ پڙهي يا ٻڌي وٺي ان جي دل کي دنيا جي خوف کان آزاد ڪري پنهنجو خوف عطا فرماءِ ۽ ان کي بي حساب بخشي ڇڏ.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلّى الله عليه واٰلهٖ وسلّم

## درود شريف جي فضيلت

حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عالي شان آهي: بيشڪ قيامت جي ڏينهن ماڻهن مان منهنجي ويجهو اهو شخص هوندو جنهن مون تي سڀ کا وڌيڪ درود شريف موڪليا هوندا.

(ترمذي ج 2 ص 27 حديث 484)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب          صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## جيڪو پاڻ ڪائي پائيو اهوئي نوڪر ڪي ڏيو

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 246 صفحن تي مشتمل ڪتاب ’منتخب حديثين‘ صفحي 156 کان

160 تائين گار ڏيڻ ۽ ان تي ندامت وغيره جي باري ۾ ڏنل مضمون مان ڪجهه حصو پيش ڪجي ٿو، پڙهو ۽ ان مان خوب خوب مدني گل حاصل ڪيو، بخاري شريف ۾ آهي: حضرت سيدنا مَعرُوررَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: مون حضرت سيدنا ابوذَر غِفاري رَضِیَ اللہُ عَنْہُ سان "رَبَذَه" (نالي جڳهه جيڪا مديني شريف کان ٿي منزل پري آهي) ۾ ملاقات ڪئي، پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ ۽ سندن جي غلام کي هڪ ئي جهڙو لباس پاتل هو ته مون ان جي باري ۾ سوال ڪيو ته حضرت سيدنا ابوذر غِفاريرَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمايو ته مون هڪ شخص سان جهڳڙو ڪيو ۽ ان جي ماءُ جي باري ۾ بُرو ڳالهايو ته حضورِ پُر نور، شاهِ غَيُورصَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو ته اي ابوذر! تو هن جي ماءُ جي باري ۾ بُرا لفظ چيا تون اهڙو ماڻهو آهين جو تنهنجي اندر جاهليت واري خصلت آهي، توهان جا غلام توهان جا (ديني) ڀائر آهن، الله تعاليٰ انهن کي توهان جو ماتحت بڻايو آهي ته جنهن جو ڀاءُ ان جي ماتحت هجي، ان کي گهرجي ته جيڪو پاڻ کائي ان کي به اهو کارائي ۽ جيڪو پاڻ پائي ان کي به پارائي ۽ توهان انهن خادمن کي اهڙن ڪمن جي تڪليف نه ڏيو جيڪا انهن کي لاچار ڪري ڇڏي ۽ جيڪڏهن توهان اهڙي تڪليف ڏيو (يعني ڪو تڪليف وارو ڪم ڏيو) ته پاڻ به ڪم ۾ انهن جي مدد ڪيو. (صحيح بخاري ج 1 ص 23 حديث 30)

# عظيم الشان ندامت ۽ نرالو ڪفارو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت سيدنا ابوذر غفاريرَضِیَ اللہُ عَنْہُ جنهن شخص کي غلط لفظ چيا هئا اهو حضرت سيدنا بلال حبشيرَضِیَ اللہُ عَنْہُ آهي، اهي الفاظ مَعاذَالله ڪا مُرَوَّجہ (يعني عوام ۾ رائج) گندي گار نہ هئي، بس ايترو چيو هيائون تہ (اي ڪاريءَ ماءُ جا پٽ) حضرت سيدنا بلال حبشيرَضِیَ اللہُ عَنْہُ جڏهن دربارِ رسالت ۾ ان جي شڪايت ڪئي تہ سرڪار مدينہصَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حضرت سيدنا ابوذر غِفاريرَضِیَ اللہُ عَنْہُ کي چِڙٻيو ۽ نصحيت فرمائي، ان کان پوءِ حضرت سيدنا ابوذر غِفاريرَضِیَ اللہُ عَنْہُ تي ان جو ڪهڙو اثر ٿيو، اهو تمام ڏڪائڻ وارو داستان آهي، هن کي ٻڌو ۽ خوفِ خدا سبب لرزي وڃو: دربارِ رسالت جي ملامت ٻڌي يڪدم حضرت سيدنا ابوذر عِفاريرَضِیَ اللہُ عَنْہُ حضرت سيدنا بلال حبشيرَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي خدمت ۾ شرمار ٿي حاضر ٿيا ۽ فري طور پنهنجو حسين رخسار (يعني ڳل) زمين تي رکي انتهائي ندامت سان روئيندي ۽ عاجزي سان چيائين: ”اي بلالرَضِیَ اللہُ عَنْہُ! جيستائين اوهان پنهنجي پيرن جي تِرين سان منهنجي هن ڳل کي نہ لتاڙيندؤ مان تيستائين پنهنجو چهرو هرگز زمين تان نہ کڻندس،“ حضرت سيدنا ابوذر غِفاري رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي شديد اِصرار تي مجبور ٿي حضرت سيدنا بلالرَضِیَ اللہُ عَنْہُ نہ چاهيندي پنهنجو قدم سيدنا ابوذررَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي مبارڪ چهري تي رکي فوراً هٽائي

ورتو ۽ حضرت سيدنا ابوذر غِفاريرَضِيَ اللهُ عَنۡهُ کي معاف ڪري ڇڏيو. (ارشاد الساري ج 1 ص 197)

## ابوذرغِفاري رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ پرهيزگار هئا

حضرت سيدنا علامہ قَسطَلاني قُدِّسَ سِرُّهُ النّوراني هن واقعي جي باري اهو بہ لکيو آهي تہ حضرت سيدنا ابوذر غِفاريرَضِيَ اللهُ عَنۡهُ هي عار (يعني غيرت) ڏيارڻ واري ڳالھ حضرت سيدنا بلال حبشيرَضِيَ اللهُ عَنۡهُ جي لاءِ ان وقت چئي جڏهن حضرت سيدنا ابوذر غِفاريرَضِيَ اللهُ عَنۡهُ کي اهڙن لفظن جي حُرمت (يعني حرام هئڻ) جو عِلم نہ هو، نہ تہ حضرت سيدنا ابوذر غِفاريرَضِيَ اللهُ عَنۡهُ جهڙي متقي ۽ پرهيزگار کان اهڙي ڳالھ جو تصور بہ نٿو ڪري سگهجي، انهيءَ ڪري حضور پُرنورصَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صرف اهي لفظ چئي سندن کي ملامت فرمائي تہ "توهان جي اندر اجا بہ جهالت جي عادت باقي آهي، " ۽ اها زجر و توبيخ (يعني ڇڙٻ وغيره) بہ سندن جي بلند مرتبي جي ڪري ٿي هئي جو ايڏي وڏي انسان جي زبان مان ايڏي ننڍي ۽ ڪِريل ڳالھ بہ نہ نڪرڻ گهرجي ها . (ايضاً)

## حضرت سيّدنا ابوذر غِفاري جي اِستِقامت

حضرت سيدنا ابوذر غِفاريرَضِيَ اللهُ عَنۡهُ نهايت قديمُ الاسلام صحابي آهن، ايستائين جو بعض علماءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلام جو قول آهي تہ اسلام قبول ڪرڻ ۾ باهرين (غير حجازي) صحابہ

ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ۾ سندن جو پنجون نمبر آهي، پاڻ رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُ جي مسلمان ٿيڻ جو سمورو حال بخاري شريف ۾ تفصيل سان لکيل آهي، پاڻ رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُ جي ايماني جذبي جو حال هي هو جو اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ ڪجھ ڏينهن تائين بلند آواز سان روزانو ڪافرن جي هجوم ۾ پنهنجي اسلام قبول ڪرڻ جو اعلان فرمائيندا ها ۽ مڪي جا ڪافر سندن تي ڪاهي پوندا ها ۽ سندن کي ايترو ته ماريندا هئا جو پاڻ رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُ رتورت ٿي بيهوش ٿي ويندا ها پر جيئن ئي هوش ايندو هو وري پنهنجي اسلام جو اعلان فرمائيندا ها. (منتخب حديثين ص 157) الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِیِّ الْاَمِين صَلَّی اللّٰہ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

خدایا بحقِ بلال وابوذر
مجھے دین پر استقامت عطا کر
الٰہی نہ کچھ پوچھنا روزِ محشر
مجھے بخش بہرِ بلال وابوذر
الٰہی برائے بلال وابوذر
مجھے خلد میں دے جوارِ پیمبر

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## قيامت جي قريب هڪ خوفناڪ جانور نڪرندو

براءِ ڪرم! نيڪي جي دعوت جي اهميت کي سمجھڻ جي ڪوشش ڪيو، جڏهن قيامت ويجهو ايندي ته ماڻهو نيڪي جي

دعوت ڇڏي ڏيندا، انهن جي اصلاح جي ڪا اميد باقي نہ رهندي، دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مكتبة المدينه جي شايع ٿيل ترجمي واري قرآن ”ڪنزالايمان مع خزائنُ العِرفان“ صفحي 712 تي سيپاري 20 سورة نمل جي آيت نمبر 82 ۾ ربِّ ڪريم عَزَّوَجَلَّ جو فرمان عظيم آهي:

وَ اِذَا وَقَعَ الْقَوْلُ عَلَيْهِمْ اَخْرَجْنَا لَهُمْ دَآبَّةً مِّنَ الْاَرْضِ تُكَلِّمُهُمْ ۙ اَنَّ النَّاسَ كَانُوْا بِاٰيٰتِنَا لَا يُوْقِنُوْنَ ﴿۸۲﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ جڏهن ڳالھ اچي انهن تي پوندي اسان زمين مان انهن جي واسطي هڪڙو چوپايو ڪيندا سين جيڪو ماڻهن سان ڳالهائيندو ان لاءِ تہ ماڻهو اسان جي آيتن تي يقين نہ رکندا هئا.

## ڳالهائڻ وارو عجيب شڪل وارو جانور

صَدرُالاَفاضِل حضرت علامہ مولانا سيِّد محمد نعيمُ الدّين مراد آبادي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهادي هن آيت جي تفسير ۾ فرمائن ٿا: يعني انهن تي غضبِ اِلٰهي ٿيندو ۽ عذاب واجب ٿي ويندو ۽ حُجت پوري ٿي ويندي، هن طرح جو ماڻهو اَمْرٌ بِالْمَعْرُوْفِ وَنَهْىٌ عَنِ الْمُنْكَر (يعني نيڪي جو حڪم ڏيڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ) ڇڏي ڏيندا ۽ انهن جي درستي جي ڪا اميد باقي نہ رهندي يعني قيامت ويجهي ٿي ويندي ۽ ان جون نشانيون ظاهر ٿيڻ لڳنديون ۽ ان وقت توبھ نفعو نہ ڏيندي. وڌيڪ فرمائن ٿا: ان چوپائي کي دَابَّةُالاَرض

چوندا آهن. اهو عجيب شڪل وارو جانور هوندو جيڪو صَفا جبل (مڪي شريف زادَهَا اللهُ شَرَفاً وتَعْظِيْماً ۾ واقع آهي) مان ظاهر ٿي سيني شهرن ۾ تمام جلد ڦرندو، فصاحت سان ڪلام ڪندو، هر هڪ شخص جي پيشاني تي هڪ نشان لڳائيندو. ايمان وارن جي پيشاني تي حضرت موسٰي عليه السّلام جي عصا سان نوراني لڪير ڪڍندو. ڪافر جي پيشاني تي حضرت سُليمان عليه السّلام جي منڊيءَ سان ڪاري مُهر هڻندو. وڌيڪ فرمائن ٿا : تہ فصيح زبان ۾ چوندو هٰذَا مُؤمِنٌ وَّ هٰذَا ڪافِرٌ يعني هي مومن آهي ۽ هي ڪافر وڌيڪ فرمائن ٿا: يعني قرآن پاڪ تي ايمان نہ آڻيندا هئا جنهن ۾ بعث (يعني قيامت ۾ اٿاريو وڃڻ) حساب عذاب ۽ دَابَّةُالاَرض جي نڪرڻ جو بيان آهي.

## جيڪو روئيندو اهي جنت ۾ داخل ٿيندو

مڪي مدني آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خوفِ خدا سبب روئيندي سُورةُ التَّڪَاثُر پڙهڻ جي باري ۾ نهايت پياري انداز سان نيڪي جي دعوت ارشاد فرمائي، جيئن حضرت سيدنا جَرير بن عبداللّٰه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي، نبين جي سرور، مديني جي تاجوَر، محبوب ربّ اڪبر صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي فرمايو: مان توهان جي سامهون سورة التَّڪَاثُر پڙهان ٿو توهان مان جيڪو روئيندو اهو جنت ۾ داخل ٿيندو، پوءِ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اها (سورة

پڙهي، اسان مان ڪجهه تہ رنا ۽ ڪجهہ نہ رنا، جيڪي نہ روئي سگهيا انهن عرض ڪيو: يا رسول اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان روئڻ جي ڪوشش ڪئي پر روئي نہ سگهياسين، سرڪار نامدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: مان توهان جي سامهون ٻيهر پڙهان ٿو جيڪو روئيندو ان جي لاءِ جنت آهي ۽ جيڪو نہ روئي سگهي اهو روئڻ واري جيان شڪل ٺاهي.

(نوادرالاصول ج 1 ص 611 حديث 862)

## قابل رشڪ مدني منو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هن روايت ۾ اسان جي مٺي مٺي آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نهايت پياري انداز ۾ نيڪي جي دعوت ڏيڻ جو رقت انگيز بيان آهي، هن روايت مان خبر پئي تہ اسان جا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان جنهن کي چاهين جيڪو چاهين عنايت فرمائي ڇڏين، تڏهن تہ فرمايو: ”جيڪو روئيندو اهو جنت ۾ داخل ٿيندو.“ هن روايت ۾ قرآن ڪريم جي آخري سيپاري جي 8 آيتن تي مشتمل سورة التَّکاثُر جو ذڪر آهي، جنهن جي پڙهڻ واري کي هڪ هزار آيتون پڙهڻ جو ثواب ملندو آهي، هن ۾ قبر، آخرت ۽ جهنم جو نهايت پُر اثر بيان آهي، ڪاش! اسان ڪنزالايمان مان هن جو ترجمو ذهن نشين ڪري ونون ۽ جڏهن بہ هي سورت پڙهون يا ٻڌون

خوفِ خدا مان روئڻ نصيب ٿي وڃي، اچو! هن سورت جي حوالي سان هڪ اهڙي مدني مني جي پُر سوز حڪايت ٻڌون ٿا، جنهن عملي طور خوف خدا پري نيڪي جي دعوت ڏئي هر هڪ کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو! هڪ بزرگ ڪنهن مدرسي جي ٻاهران هڪ مدني مني کي ڏٺو جيڪو روئي رهيو هو، اِستِفسار (يعني پڇڻ) تي مدني مني ٻڌايو، اسان جي استاد صاحب اڄ سبق ۾ جيڪي ڪجھ تختي تي آيتون لکرائيون آهن، اهي مون کي روئاري رهيون آهن، اهو چوندي ان تختي سامهون ڪئي ان تي لکيل هو:

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡهٰكُمُ التَّكَاثُرُ ۙ﴿۱﴾ حَتّٰى زُرۡتُمُ الۡمَقَابِرَ ؕ﴿۲﴾ كَلَّا سَوۡفَ تَعۡلَمُوۡنَ ۙ﴿۳﴾ ثُمَّ كَلَّا سَوۡفَ تَعۡلَمُوۡنَ ؕ﴿۴﴾ كَلَّا لَوۡ تَعۡلَمُوۡنَ عِلۡمَ الۡيَقِيۡنِ ؕ﴿۵﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** الله نهايت مهربان ٻاجهاري جي نالي سان (شروع). توهان کي غافل ڪيو زياده مال طلبي ايتري تائين جو توهان قبرن جو مُنهن ڏٺو. هائو هائو جلدي معلوم ڪري وٺندؤ پوءِ پڪ جلدي ڄاڻي وٺندؤ. هائو هائو جيڪڏهن يقيني ڄاڻو ها ته مال جي محبت نه رکو ها.

مدني منو لڳاتار روئي رهيو هو، اهو بزرگ ان جي اها رقت ڏسي بيحد متاثر ٿيو، ۽ فرمائڻ لڳو پٽ! هن سورت جو سبق هتي پورو ناهي ٿيو بلڪ اجا اڳتي به آهي، جيڪو شايد

تو ڪي سياڻي ڏنو وڃي، اهو چوڻ کان پوءِ انهن سورةالتَّكَاثُر جون باقي آيتون به پڙهي ٻڌايون جيڪي هي آهن:

لَتَرَوُنَّ الْجَحِيْمَ ﴿٦﴾ ثُمَّ لَتَرَوُنَّهَا عَيْنَ الْيَقِيْنِ ﴿٧﴾ ثُمَّ لَتُسْـَٔلُنَّ يَوْمَىِٕذٍ عَنِ النَّعِيْمِ ﴿٨﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** بيشڪ ضرور جهنم کي ڏسندؤ. پوءِ بيشڪ ضرور ان کي يقيني ڏسڻ ڏسندؤ. پوءِ بيشڪ ضرور ان ڏينهن توهان کان نعمتن جي پڇا ٿيندي.

مدني منو جهنم جو تذڪرو ٻڌي خوفزده ٿي ڏڪندي ڪري پيو ۽ تڙپڻ لڳو ڦٿڪندي ٿڌو ٿي ويو، ان جو استاد يڪدم آيو ۽ ان بزرگ کي پڪڙي ورتو! ماڻهو جمع ٿي ويا، مرحوم مدني مني جا ماءُ پيءُ به اچي پهتا، ان بزرگ کي عدالت ۾ بطور قاتل پيش ڪيو ويو، قاضي صاحب ان بزرگ کان صفائي طلب ڪئي ته انهن سچو واقعو بيان ڪيو، اهو ٻڌي قاضي صاحب فرمايو: هي مدني منو نهايت سعادت مند ۽ خوف الٰهي عَزَّوَجَلَّ جي تلوار سان شهيد ٿيو، ان بزرگ کي باعزت بري ڪيو ويو.

(ملخص از نزهة المجالِس ج 2 ص 94) **الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** اٰمين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مَدَنی مُنّے کے خوفِ خدا پر فدا، سنتے ہی آیتیں ڈھیر جو ہو گیا
کاش! مل جائے مجھ کو بھی ایسی وِلا، میرے مرنے کا باعث ہو خوفِ خُدا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## آقا ﷺ روئيندي نيڪي جي دعوت ڏني

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خوف خدا ۾ روئيندي نيڪي جي دعوت ارشاد فرمائڻ جي هڪ رقت انگيز روايت ملاحظ فرمايو جيئن "ابن ماجه" جي حديث پاڪ ۾ آهي: حضرت سيدنا بَراء بن عازب رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا ته اسان سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ هڪ جنازي ۾ شريڪ هئاسين، پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قبر جي ڪناري ويهي ۽ ايترو رنا جو سندن جون چشمانِ اقدس (يعني اکين مبارڪ) مان نڪرڻ وارن ڳوڙهن سان مٽي نم (يعني آلي) ٿي وئي، پوءِ فرمايائون: هن (قبر) جي تياري ڪيو.

(سنن ابن ماجه ج 4 ص 466 حديث 4195)

## قبر کي ڏسي حضرت سيدنا عثمان غني رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ روئيندا هئا

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان اسان جا مٺا مٺا آقا، مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خوفِ خدا سان روئيندي نيڪي جي دعوت ارشاد فرمائي، منهنجا مٺا مٺا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قبر ۽ حشر جي معاملات ۾ هر طرح جي عذاب کان يقيني ۽ قطعي طور محفوظ هجڻ باوجود قبر جي حالات جي حقيقي مَعرفت (يعني ڄاڻ) جي ڪري خدا عَزَّوَجَلَّ جي خوف سبب ان جي تذڪري

تي روئي پيا، اميرالمُؤمِنِين ذُوالنُّورين، جامع القرآن حضرت سيدنا عثمان بن عفان رَضِيَ اللهُ عَنْهُ قطعي جنتي هجڻ جي باوجود قبر جي زيارت جي موقعي تي لُڙڪ نہ روڪي سگهندا هئا، جيئن دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 695 صفحن تي مشتمل ڪتاب "اللہ والوں کی باتیں" جلد پهريون صفحي 139 تي آهي: اميرالمؤمنين حضرت سيدنا عثمان غني رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جا غلام (حضرت سيدنا) هاني (رَضِيَ اللهُ عَنْهُ) فرمائن ٿا تہ اميرالمُؤمِنِين حضرت سيدنا عثمان غني رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جڏهن ڪنهن قبر جي ويجهو بيهندا هئا تہ ايترو تہ روئيندا ها جو سندن جي ڏاڙهي مبارڪ تر (يعني آلي) ٿي ويندي هئي. (ترمذي ج 4 ص 138 حديث 2315) المواعظ العصفوريہ ۾ هن حڪايت کي ڪجهہ تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي ۽ ان ۾ ڪجهہ ائين بہ آهي تہ جڏهن حضرت سيدنا عثمان غني رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان قبر کي ڏسي گهڻو روئڻ جو سبب پڇيو ويو تہ ارشاد فرمايائون: مون کي پنهنجي اڪيلائي ياد ايندي آهي چوتہ قبر ۾ مون سان گڏ ماڻهن مان ڪو بہ نہ هوندو (پوءِ نيڪي جي دعوت جا مدني گل عنايت ڪندي فرمايائون: جنهن جي لاءِ ان جي دنيا قيد خانو آهي، ان جي لاءِ ان جي قبر جنت، ۽ جنهن جي لاءِ ان جي دنيا جنت آهي ان جي لاءِ ان جي قبر قيد خانو آهي، جنهن لاءِ هي زندگي بطور قيد هئي موت ان جي لاءِ آزادي جو پيغام آهي، جنهن دنيا ۾ نفساني خواهش

ڪي ترڪ ڪيو اهو آخرت ۾ پورو پورو حصو ماڻيندو، بهتر شخص اهو آهي جيڪو ان ڪان پهريان جو دنيا ان کي ڇڏي ڏي اهو پاڻ دنيا کي ترڪ ڪري (يعني ڇڏي) چڪو هجي ۽ پنهنجي پروردگارعَزَّوَجَلَّ سان ملڻ ڪان پهريان هو ان خدا عَزَّوَجَلَّ سان راضي ٿي ويو هجي، هر شخص جي قبر جو معاملو ان جي دنياوي زندگي جي مطابق آهي يعني نيڪين ۾ زندگي گذاري ته قبر ۾ راحتون ۽ جيڪڏهن بدي ڪندي مئو ته هلاڪت ئي هلاڪت.

(موعظه حسنه ص 61-62)

## ڪنهن جي قبر ۾ باغ ۽ ڪنهن جي قبر ۾ باهه

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جا نيڪ ٻانها قبر جي اندرئين حالتن تي خوب غور فرمائيندا هئا ۽ افسوس! اسان ڪيئي ڀيرا قبرون ڏسون ٿا پر عبرت نٿا حاصل ڪيون، ڪاش! اسان به سنجيدگي سان غور ڪرڻ وارا بڻجون، ٻاهر ڪان بظاهر هڪ جهڙيون نظر ايندڙ قبرون اندر ڪان هڪ جهڙيون نه هونديون آهن، ڪنهن جي قبر ته اندر ۾ گلِ گلزار ۽ باغ و بهار هوندي آهي جڏهن ته ڪنهن جي قبر ڀڙڪندڙ باهه هوندي آهي ۽ اها قبر نانگ وڇوئن جي ڪڏ هوندي آهي ۽ اهو به ياد رهي! قبر ۾ عقل سلامت رهندو، تنهنڪري جيڪي نيڪ ٻانها ايمان سلامت وٺي اللّٰه ۽ رسول عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي

رضا تي دنيا مان رخصت ٿيندا آهن، اهي وفات ڪان پوءِ الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت کي حاصل ڪندا آهن ۽ انهن جا مزا ئي مزا هوندا آهن پر گناهن ڀري زندگي گذاري ڪري الله ۽ رسول عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ناراضگي سان جيڪي ماڻهو مرندا ۽ قبر ۾ لهندا آهن، انهن جي بس شامت اچي ويندي آهي، جيئن ته عقل ۽ هوش سڀ سلامت هوندا آهن تنهن ڪري مرڻ واري کي قبر ۾ سڀ ڪجهه سمجهه ۾ اچي رهيو هوندو آهي، ڏسڻ ٻڌڻ جي قوت ختم نه ٿيندي بلڪ وڌي ويندي آهي، ۽ مردو گهڻو ڪجهه ڏسي ۽ ٻڌي رهيو هوندو آهي، ان جا دوست احباب، مٽ مائٽ دفن ڪرڻ ڪان پوءِ ان کي واپس ويندي صاف صاف نظر ايندا پيا آهن، ايستائين جو انهن جي قدمن جو آواز به ٻڌڻ ۾ ايندو آهي.

## قبر جي تنهائي

صرف ايترو سوچيو ته گناهن جي سبب قبر ۾ بالفرض ڀيو کو عذاب نه به ٿئي صرف اهو معاملو هجي جو بس ائين ئي ماڻهو سخت اونداهي قبر ۾ اڪيلو بند ٿي رهي، خدا جو قسم! ان ۾ به تمام گهڻي عبرت آهي، سوچيو ته سهي! ان جو وقت ڪيئن پاس ٿيندو ۽ قبر جي اهڙي خوفناڪ اونداهي ۽ اڪيلائي واري وحشت ڀري هوش اڏائيندڙ ماحول ۾ گنهگار انسان تي ڇا گذرندي! ان جو هر با شعور انسان اندازو لڳائي

سگهي ٿو. هي تہ صرف احساس ڏيارڻ جي لاءِ عرض ڪيو آهي نہ تہ قبر جا اهڙا اهڙا عذاب نقل ڪيا ويا آهن جن ڪي ٻڌي انسان جا وار ايا ٿي وڃن. جيئن حضرت سيدنا مَسروق عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ القدوس کان روايت آهي: جيڪو شخص چوري يا شراب خوري يا زنا ۾ مبتلا ٿي مرندو آهي ان تي ٻہ نانگ مقرر ڪيا ويندا آهن جيڪي ان جو گوشت پٽي ڪري کائيندا رهندا آهن. (ڪتاب ذڪر الموت مع موسوعه امام ابن ابي الدنيا ج 5 ص 476 رقم 257) صرف ايترو ئي غور فرمايو جو صرف هڪ نماز ترڪ ڪرڻ يا هڪ پيري ڪوڙ ڳالهائڻ يا هڪ پيري غيبت ڪرڻ جي سبب يا بدنگاهي جي ڪري يا هڪ پيرو گانو ٻڌڻ يا فلم ڏسڻ يا هڪ گار ڏيڻ يا هڪ پيرو ڪاوڙ ۾ بنا اجازت شرعي ڪنهن کي دڙڪا ڏيڻ يا هڪ پيرو ڏاڙهي ڪوڙائڻ جي سزا ۾ جيڪڏهن پڪڙي ڪري تنگ قبر جي اندر سخت اونداهي ۽ خوفناڪ تنهائي ۾ رکيو وڃي تہ ڇا گذرندي! يقيناً خائفِين (يعني اللهعَزَّوَجَلَّ کان ڊڄڻ وارن) جي لاءِ هي تصور ئي ڏڪائڻ وارو آهي. هي تہ صرف دنياوي تصور آهي نہ تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي ناراضگي جي صورت ۾ مرڻ کان پوءِ جن قبر جي عذابن کي منهن ڏيڻو پوندو اهو ڪير برداشت ڪري سگهندو! "حِليةُ الاولياء" ۾ روايت آهي: "جڏهن انسان قبر ۾ داخل ٿيندو آهي تہ ان کي ڊيڄارڻ جي لاءِ اهي تمام شيون اچي وينديون آهن جن کان هو دنيا ۾ ڊڄندو هو ۽ الله

عَزَّوَجَلَّ ڪان نہ ڊڄندو ھو.” (حلية الاولياء ج 10 ص 12 رقم 14318) اسان قبر ۽ جھنم جي عذاب کان اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي پناھ گھرون ٿا.

کرلے توبہ ربّ کی رحمت ہے بڑی
قبر میں ورنہ سزا ہوگی کڑی

(وسائل بخشش ص 667)

## تنھنجي جواني ڪٽي توڪي دوکي ۾ نہ وجھي!

مشھور ولي اللّٰہ حضرت سيدنا منصور بن عمّار عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الغفّار ھڪ نوجوان تي انفرادي ڪوشش ڪري ان کي نيڪي جي دعوت ڏيندي فرمايائون: اي نوجوان! تو کي تنھنجي جواني ڌوکي ۾ نہ وجھي، ڪيئي نوجوانن توبہ ۾ دير ڪري ڇڏي، ڊگھي اميد رکي، موت کي ياد نہ ڪيو، ۽ چيائون: مان سڀاڻي يا ٻئي ڏينھن توبہ ڪندس، اھي توبہ کان غافل رھيا، آخر قبر جي پيٽ ۾ ھليا ويا. انھن کي مال، غلام، ماءُ پيءُ ۽ اولاد ڪجھ نفعو نہ ڏنو جيئن قرآن ڪريم ۾ سيپاري 19 سورةُ الشُعراءِ جي آيت نمبر 88 کان 89 ۾ ارشاد آھي:

يَوْمَ لَا يَنْفَعُ مَالٌ وَّ لَا بَنُوْنَ ﴿۸۸﴾ اِلَّا مَنْ اَتَى اللّٰهَ بِقَلْبٍ سَلِيْمٍ ﴿۸۹﴾

**ترجمو ڪنزالايمان**: جنھن ڏينھن نہ مال ڪم ايندو ۽ نہ پُٽَ. مگر جيڪو اللّٰہ جي حضور حاضر ٿيو سلامت رھيل دل کڻي.

ملے خاک میں اہلِ شاں کیسے کیسے مکیں ہوگئے لامکاں کیسے کیسے
ہوئے نامور بے نشاں کیسے کیسے زمیں کھاگئی نوجواں کیسے کیسے

جگہ جی لگانے کی دُنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## قلبِ سليم ڇا کي چئبو آهي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ”قلبِ سليم“ يعني سلامت دل، هن مان مراد دل جو بد عقيدگين کان پاڪ هجڻ آهي، صَدرُالاَفاضِل حضرت علامه مولانا سيِّد محمد نعيمُ الدّين مراد آباديعَلَيهِ رَحمَةُ اللّٰهِ الهادي هن آيت جي حوالي سان فرمائن ٿا: جيڪو شِرڪ، ڪفر ۽ نِفاق کان پاڪ هجي تنهن کي سندس مال ۽ نفعو ڏيندو جيڪو راهِ خدا ۾ خرچ ڪيو هجي، ۽ اولاد ۽ صالح (يعني نيڪ) هجي جيئن ته حديث شريف ۾ آهي ته جڏهن ماڻهو مرندو آهي تڏهن ان جا عمل مُنقَطَع ٿي (يعني رڪجي) ويندا آهن سواءِ ٽن عملن جي هڪ صدقهءِ جاريه، ٻيو اهو مال جنهن کان ماڻهو نفعو حاصل ڪن، ٽيون نيڪ اولاد جيڪا ان لاءِ دعا گهري.

(مسلم ص 886 حديث 1631، خزائن العرفان ص 593)

میزاں پہ سب کھڑے ہیں اعمال تُل رہے ہیں
رکھ لو بھرم خدارا عطّارؔ قادِری کا

(وسائل بخشش ص 195)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## پنجن سان محبت ۽ پنجن کان غفلت

غفلت کان بيدار ڪرڻ واري نيڪي جي دعوت تي مشتمل پنج مدني گل ملاحظ فرمايو، فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: سَيَأْتِيْ زَمَانٌ عَلٰى اُمَّتِيْ يُحِبُّوْنَ خَمْسًا وَيَنْسَوْنَ خَمْسًا. منهنجي امت تي اهو زمانو جلد ايندو جو اهي پنجن سان محبت رکندا ۽ پنج کي وساري ڇڏيندا: ﴿1﴾يُحِبُّوْنَ الدُّنْيَا وَيَنْسَوْنَ الْاٰخِرَةَ دنيا سان محبت رکندا آخرت کي وساري ڇڏيندا ﴿2﴾وَيُحِبُّوْنَ الْمَالَ وَ يَنْسَوْنَ الْحِسَابَ مال سان محبت رکندا ۽ حساب کي وساري ڇڏيندا ﴿3﴾ويُحِبُّوْنَ الْخَلْقَ وَيَنْسَوْنَ الْخَالِقَ مخلوق سان محبت رکندا خالق کي وساري ڇڏيندا ﴿4﴾وَيُحِبّوْنَ الذُّنُوْبَ وَيَنْسَوْنَ التَّوبَةَ گناهن سان محبت رکندا ۽ توبه کي وساري ڇڏيندا ﴿5﴾وَيُحِبُّوْنَ الْقُصُوْرَ وَيَنْسَوْنَ الْمَقْبَرَةَ محلات سان محبت رکندا ۽ قبرستان کي وساري ڇڏيندا. (مڪاشفة القلوب ص 34)

وہ ہے عیش و عشرت کا کوئی محل بھی ؏ جہاں تاک میں ہر گھڑی ہو اَجل بھی
بس اب اپنے اِس جہل سے تو نکل بھی ؏ یہ جینے کا انداز اپنا بدل بھی
جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڳائڻ وڄائڻ کان توبه نصيب ٿي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! رضاءِ الٰهي حاصل ڪرڻ، دل ۾

خوفِ خدا جاڳائڻ، ايمان جي حفاظت جو جذبو وڌائڻ، موت جو تصور ڄمائڻ، پاڻ کي عذابِ قبر ۽ جهنم کان ڊيڄارڻ، گناهن جي عادت مٽائڻ، پنهنجو پاڻ کي سنت جو پابند بڻائڻ، دل ۾ عشق رسول جي شمع روشن ڪرڻ ۽ جنّتُ الفِردوس ۾ مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو حاصل ڪرڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان هر دم وابسته رهو، هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ ٽن ڏينهن جي لاءِ عاشقان رسول سان گڏ مدني قافلي ۾ سنتن ڀريو سفر ڪندا رهو ۽ فڪر مدينه جي ذريعي روزانو مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي ابتدائي ڏهن ڏينهن جي اندر پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ گهرجي، اچو اوهان جي ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌايان: بابُ الاسلام (سنڌ) حيدرآباد جي هڪ اسلامي ڀاء جي تحرير جو خلاصو آهي ته مان دنيا جي رنگينين ۾ زندگي گذارڻ وارو هڪ آواره نوجوان هئس، نمازن کان گهڻو پري سنتن کان محروم هئس، دنيا جون بيشمار نه وڻندڙ حرڪتون جيئن ڳائڻ وڄائڻ فلمن ڊرامن وغيره وغيره جو عادي هيس، منهنجي مدني ماحول ۾ اچڻ جو سبب ائين ٿيو جو خوش قسمتي سان رَمَضانُ المُبارَڪ 1429ھ بمطابق 2008ع ۾ مدني چينل جو آغاز ٿيو ۽ ڪيبل تي ان جا مدني سلسلا جاري ٿيا، اللهعَزَّوَجَلَّجي رحمت سان مون ان سلسلن

ڪي ڏنو تہ مون کي تمام سنا لڳا، ھاڻي مان اڪثر ڪري مدني چينل ڏسڻ لڳس، ھڪ ڀيري مدني چينل تي سنتن ڀريو بيان ”ڪارا وچون“ ٻڌڻ جي سعادت نصيب ٿي، مان خوفِ خدا کان ڏڪي ويس، ۽ مون ھٿو ھٿ پنھنجي چھري تي ڏاڙھي سجائڻ جي نيت ڪري ورتي ۽ مدني چينل تي جڏھن ”ڳانن جا 35 ڪفريہ ڪلمات“ نالي بيان ٻڌو تہ مون گھبرائي ھٿو ھٿ ڳانا ٻڌڻ کان بہ توبہ ڪئي، مدني چينل تي جڏھن بيعت ڪرائي وئي تہ اَلحَمدلله عَزَّوَجَلَّ مان حضور غوث اعظم سيدنا شيخ عبدالقادر جيلاني قُدِّسَ سِرُّہُ النّورانِي جو مريد ٿي قادري بڻجي ويس، اللهعَزَّوَجَلَّ جي رحمت سان باجماعت نماز جي پابندي شروع ڪئي، ۽ وڌيڪ ڪرم ھي ٿي ويو تہ ھي سٽون لکڻ وقت عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ باب المدينہ (ڪراچي) ۾ دعوت اسلامي تحت ٿيڻ واري رَمَضانُ المُبارَڪ جي 30 ڏينھن جي سنتن ڀري اعتڪاف ۾ شريڪ آھيان.

مَدَنی چینل سنّتوں کی لائیگا گھر گھر بہار
مَدَنی چینل سے ہمیں کیوں والِہانہ ہو نہ پیار
اے گناہوں کے مریضو! چاہتے ہو گر شفا
آن کرتے ہی رہو تم مَدَنی چینل کو سدا
اِس میں عصیاں سے حفاظت کا بہت سامان ہے اِن شاءَ اللہ خُلد میں بھی داخِلہ آسان ہے

(وسائل بخشش ص 605، 606)

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## نيڪي جي دعوت ڏيندي خوف خدا سبب روئي ڏنو

اسان جا بزرگان دين رَحِمَهُمُ اللهُ المُبِين ’نيڪي جي دعوت‘ ڏيڻ جو ڪو موقعو هٿان نہ وڃائيندا هئا، جيڪڏهن واٽ تي هلندي بہ، بلڪ سفر جي دوران بہ موقعو ملندو هو تہ ”نيڪي جي دعوت“ ارشاد فرمائيندا هئا جيئن حضرت سيدنا ابراهيم بن بَشارعَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الغفار فرمائن ٿا تہ مان فَسَوي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ القوي سان گڏ ملڪ شام ڏانهن وڃي رهيو هئس تہ راهہ ۾ هڪ شخص سندن جي سامهون آيو ۽ سلام ڪرڻ کان پوءِ عرض ڪرڻ لڳو: اي ابو يوسف! مون کي ڪجهہ نصيحت فرمايو، اهو ٻڌي پاڻ رَحمَةُ اللهِ عَلَيه روئي پيا ۽ (نيڪي جي دعوت پيش ڪندي) فرمايائون: اي ڀاءُ بيشڪ ڏينهن رات جو جلدي جلدي اچڻ وڃڻ، اوهان جي بدن جو ڳرڻ، عمر جي ختم ٿيڻ ۽ هر دم موت جي ويجهو ٿيڻ جي خبر ڏئي رهيو آهي، انهيءَ ڪري منهنجا ڀاءُ! اوهان کي ان وقت تائين هر گز مطمئن ٿي نہ ويهڻ گهرجي جيستائين خير جي خاتمي جي خبر نہ پئي، ۽ اها خبر نہ پوي جو جنت ۾ وڃڻو آهي يا جهنم نڪاڻو آهي؟ ۽ هي خبر نہ پئي جو توهان جو پروردگارعَزَّوَجَلَّ اوهان جي گناهن ۽ غفلتن جي ڪري ناراض آهي يا پنهنجي فضل ۽ ڪرم سبب توهان سان راضي آهي. اي ڪمزور انسان! پنهنجي اوقات نہ وسار! توهان جي ابتدا هڪ

“ناپاڪ قطرو” آهي جڏهن تہ انجام سڙيل مُردو، جيڪڏهن اجا هي نصيحت سمجهہ ۾ نہ اچي رهي آهي تہ جلد ئي سمجهہ ۾ اچي ويندي جنهن وقت اوهان قبر ۾ ويندؤ، اتي گناهن تي ندامت تہ ٿيندي پر ڪم نہ ڏيندي، اهو فرمائي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه روئڻ لڳا ۽ اهو شخص بہ متاثر ٿي روئڻ لڳو، راوي چون ٿا: انهن ٻنهي کي ڏسي مان بہ روئڻ لڳس ۽ ايستائين جو اهي ٻئي بيهوش ٿي ڪري پيا. (ذم الهوي 437 ملخصاً)

مجھے سچّی توبہ کی توفیق دیدے  پئے تاجدارِ حرم یاالٰہی
جو ناراض تُو ہو گیا تو کہیں کا  رہوں گا نہ تیری قسم یاالٰہی

(وسائل بخشش ص 82)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب!  صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪنهن کي روئيندو ڏسو تہ روئي پئو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! اسان جي بزرگان دين رَحِمَهُمُ اللهُ المُبِين جو خوف خدا! جو ڪڏهن ڪڏهن نيڪي جي دعوت ڏيندي انهن کي خوف خدا جي ڪري روئڻ اچي ويندو هو، اڄ بہ جيڪڏهن نيڪي جي دعوت ڏيندي ڪو خوفِ خدا سبب روئي پئي، روئيندي بيان ڪري، روئي روئي دعا ڪري، تلاوتِ قرآن يا نعت شريف ٻڌي روئي پئي تہ هي ان جي لاءِ وڏي سعادت جي ڳالهہ آهي، ان کي رياڪار سمجهندي ان تي هرگز

بدگماني نہ ڪئي وڃي جو مسلمان تي بدگماني ڪرڻ حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي، ٻين تي بدگماني ڪري پنهنجي دل جلائڻ وارن جي پاڻ بربادي آهي، حضرت سيدنا مَڪحُول دِمَشقي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ القوي فرمائن ٿا: جڏهن ڪنهن کي روئيندو ڏسو تہ توهان بہ روئي پئو ۽ ان کي رياڪار نہ سمجهو، مون هڪ ڀيري ڪنهن روئڻ واري شخص کي رياڪار تصور ڪيو تہ هڪ سال تائين روئڻ کان محروم رهيس. (تنبيه المغترين ص 107)

يادِ نبی میں رونے والا ہم دیوانوں کو
لاکھ پرایا ہو وہ پھر بھی اپنا لگتا ہے

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلى مُحَمَّد

## رياڪار بيوقوفن جو سردار آهي

ڪنهن کي دعا وغيره ۾ روئيندو ڏسي بغير واضح قريني جي ان کي رياڪار سمجهڻ وارو بيشڪ گنهگار ۽ نار جهنم جو حقدار آهي، البت روئڻ واري کي پاڻ 112 ڀيرا غور ڪرڻ گهرجي تہ اهو ڇا جي ڪري روئي رهيو آهي! جيڪڏهن ريا (يعني ڏيکاءُ) جو شبهو بہ هجي تہ جيستائين اصلاح نہ ٿئي روئڻ کان بچي، يقيناً ”رياڪار بيوقوفن جو سردار آهي“ جو ڪنهن انسان کي پنهنجي ذات سان متاثر ڪرڻ، ان جي طرفان تعريفي جملا ٻڌڻ جي عارضي لذت حاصل ڪرڻ، پنهنجي پاڻ کي ان

جي نظر ۾ نيڪ ٻانهو ٻڌجڻ جي تمنا ڪرڻ ته جيئن اهو ان جي طرف نگاهِ تَحسِين (يعني پسنديدگي جي نظر) سان ڏسي ۽ هي دل ئي دل ۾ لُطف اندوز ٿئي ۽ صرف معمولي لذت جي لاءِ ربِّ ڪائنات عَزَّوَجَلَّ جي طرفان ملڻ واري عظيم الشان انعامات کي داءُ تي لڳائي ڇڏي تو ۽ ان جي محرومي جي انتها دنيا ۾ به هي آهي جو هن بدنصيب رياڪار کي به خبر نٿي پوي جو ڏيکاء ڪري جنهن جي نظر ۾ نيڪ ٻڌجڻ چاهيو ٿي اهو به متاثر ٿيو آهي يا نه! فرض ڪريو اهو متاثر ٿيو به آهي ۽ ان پٺ پويان ان جي تعريف به ڪئي تڏهن به عام طور تي پنهنجي باري ۾ تعريفي الفاظ ٻڌڻ گهٽ ئي ڪنهن کي نصيب ٿيندا آهن! ۽ جيڪڏهن ڪنهن منهن تي واکاڻ ڪري به ڇڏي ته هلاڪت ۾ اضافو ئي ٿيندو، يقين مڃو! جيڪڏهن ڪنهن آه و زاري ڪرڻ يا روئڻ واري يا عبادت جو اظهار ڪرڻ واري جي باري ۾ ماڻهن کي خبر پئي ته هي رياڪاري ڪري رهيو آهي پوءِ ته ان کان نيڪ ناڪ بدظن ٿيندا ته هاڻي غور ڪري جو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ کي سڀ ڪجهه خبر آهي اهڙي صورت ۾ ان جي ناراضگي ڪيڏي نه شديد هوندي!

آج بنتا ہوں معزز جو کھلے حشر میں عیب
ہائے رُسوائی کی آفت میں پھنسوں گا یارب

(وسائل بخشش ص 91)

# اعمال ضايع ٿي ويندا آهن

رياڪاري ڪان بچڻ ۽ بچائڻ جي جذبي کي وڌائڻ جي نيت سان هن ضمن ۾ بطور ”نيڪي جي دعوت“ ڪجھ آيتون ۽ روايتون بيان ڪيون وڃن ٿيون، يقيناً دنيا کي آخرت تي ترجيح ڏيڻ وارن نادان رياڪارن جي عمل جو ثواب ضايع ٿي ويندو آهي جيئن تہ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ترجمي واري قرآن ”ڪنزالايمان مع خزائن العرفان“ صفحي 418 ڪان 419 تي سيپاري 12 سورة هود جي آيت نمبر 15 ۾ ربُّ العِباد عَزَّوَجَلَّ جو ارشاد عبرت بنياد آهي:

مَنْ كَانَ يُرِيْدُ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا وَ زِيْنَتَهَا نُوَفِّ اِلَيْهِمْ اَعْمَالَهُمْ فِيْهَا وَهُمْ فِيْهَا لَا يُبْخَسُوْنَ ﴿۱۵﴾

**ترجمو ڪنزالايمان**: جيڪو دُنيا جي زندگي ۽ سينگار طلبيندو هجي اسان ان ۾ انهن کي پورو پورو ڦل ڏينداسين. ۽ ان ۾ ڪا بہ ڪمي نہ ٿيندي.

حضرت سيدنا ابن عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا هن آيت جي تفسير ۾ فرمائن ٿا تہ رياڪارن کي دنيا ۾ ئي انهن جي نيڪين جو بدلو ڏنو ويندو آهي ۽ انهن تي ذري برابر ظلم ناهي ڪيو ويندو

(تفسير طبري ج 7 ص 13)

رِياکاريوں سے بچا يا الٰہی
بنا مجھ کو مُخلِص بنا يا الٰہی

# ريا وارو عمل قبول ناهي ٿيندو

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 166 صفحن تي مشتمل ڪتاب ’رياڪاری‘ جي صفحي 16 تي آهي: تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مَخزنِ جود و سخاوت، پيڪر عظمت و شرافت، محسن انسانيت صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: اللّٰه عَزَّوَجَلَّ انهيءَ عمل کي قبول ناهي ڪندو جنهن ۾ رائي(سرنهن) جي داڻي برابر بہ ريا (يعني ڏيکاءُ) هجي.

(الترغيب والترهيب ج 1 ص 36 حديث 27)

دکھاوے سے مجھ کو الٰہی بچانا
مجھے اپنی رحمت سے مخلِص بنانا